اگم پرڪاش

صوفي جلال فقير ٽالپر جو ڪلام



مؤلف، مرتب:

خادم جلالي

اگم پرڪاش

[صوفي جلال فقير ٽالپر جو ڪلام
سنڌي، سرائيڪي ۽ ٿري ٻولين ۾]

مؤلف - مرتب

خادم جلالي

جيجل پبليڪيشن - ٽالپر وڏا

2026ع

جيجل پبليڪيشن جو پنجون ڪتاب

ڪتاب جو نالو:	اگم پرڪاش
موضوع :	صوفي جلال فقيرنالپر جو ڪلام
مرتب ۽ مؤلف:	خادم جلالي
ڇاپو :	پهريون، سال 2026 ع
ڪاپيون:	500
ٽائپنگ :	عرفان علي محمّد ٽالپر
ٽائيٽل ڊزائن :	عرفان علي محمّد ٽالپر غلام زين العابدين شيخ
معاونت ۽ مشاورت:	نذيرحسين ٽالپر، هادي بخش ٽالپر
ڇپائيندڙ:	جيجل پبليڪيشن ٽالپر وڏا.
[illegible]دڙ:	ساحل پرنٽرز رابعه اسڪوائر حيدرآباد 0333_2634650

قيمت /200 روپيه

ملڻ جو هنڌ : خادم جلالي
جيجل پبليڪيشن ٽالپر وڏا ،
تعلقو ڪونڌجي ، ضلع خيرپور ميرس .
Whatsapp: +92 3453864407

مانواري جناب
طارق حيات لاشاري صاحب لاءِ
پيار سان - خادم جلالي -
10-3-2026

ارپنا

صوفي سنت جلال فقير تالپر جي روحاني رهبر
ڪنڊڙي جي ڪلتار صوفي دريا خان فقير اول
جي نالي

جلال جن جاڳي ڏٺو پاڙيچي جو پار

نُـورٌ عَليٰ نُورٍ جو تن اندر ٿيو انوار

اَلعِشقُ نَارٌ نينهن ۾، نانگا ٿيا نروار

پاڻئي پاڻ وصال سي، پاڻي پاڻون ڌار

تن وحدت جو وهنوار انئي پهر الله سان.

فهرست

dsfgd

ناشر پاران

جيجل پبليڪيشن جو هي پنجون ڪتاب اوهان جي خدمت ۾ حاضر آهي. جيجل پبليڪيشن سال 1981ع ۾ پنهنجي ڪتابي سلسلي جي شروعات ڪئي. هي پبليڪيشن پنهنجي مدد پاڻ جي بنياد تي پنهنجي وت ۽ ست آهر، چار ڪتاب سنڌي ادب جي ڪيتر ۾ شامل ڪري سگهي آهي .گهڻي معذرت سان چوڻو ٿو پوي ته جيجل پبليڪيشن ڪن ناگزير حالتن سبب ڪافي عرصي کان پنهنجو سلسليوار قدم اڳتي نه وڌائي سگهي آهي. حالانڪ هاڻي به حالات ايترا سازگار ناهن پر تنهن هوندي به ڪتابي سلسلو وري ٻيهر شروع ڪيو ويو آهي. جيئن ته هن پبليڪيشن جو اهو مول متو آهي ته اهي ادبي اثاثا جيڪي زماني جي ڪن اڻتر سببن ڪري شايع نه ٿي سگهيا آهن انهنکي شايع ڪري ادب جي خدمت ڪئي وڃي انهيءَ متي ۽اصول کي ذهن ۾ رکندي هن ٻيري هند توڙي سنڌ جي جڳ مشهور اهل دل درويش صوفي بزرگ جلال فقير ٽالپر جو سنڌي، سرائڪي ۽ ٽري ٻولين ۾ ڪلام پيش ڪجي ٿو. صوفي جلال فقير ٽالپر پنهنجي ظاهري زندگيءَ جو گهڻو حصو هاڻوڪي وقت جي هندستان جي جوڌپور، جيسلمير جي رياستن ۾ گذاريو. تنهنڪري سندس ڪلام جو گهڻو حصو اتي ئي ٽڙي پکڙي ويو آهي باقي ڪو ٿورو حصو هٿي هٿ لڳو آهي؛ جنهن لاءِ به جاڪوڙيندي ڪجھ وقت لڳي ويو آهي.

صوفي جلال فقير ٽالپر جو ڪلام اڄڪلهہ جي دؤر ۾ به سنڌ جي سانگهڙ ضلعي کان ٿر تائين سندس چيلن، ٻالڪن، پريمين ۽ ساڌن

سنتن جي ست سنگ ۾ وڏي عزت احترام، عقيدت سان ڳايو ۽ ٻڌو ويندو آهي. جڏهن تہ موجوده ڪلام هٿ ڪري وري قلمي نسخن سان ڀيٽ ڪرڻ ۾ بہ ڪافي وقت لڳي ويو ڇو تہ پراڻو ڪلام، صورتخطي جي غلطين، ڪتاب جا ورق ڦاٽي وڃڻ يا اڌوهيءَ جي نذر ٿي وڃڻ ڪري انهن اصل لفظن کي سمجهڻ، پرکڻ ۽ پروڙڻ ۾ بہ گهڻي ڏکيائي ٿي. جيئن تہ صوفي جلال فقير ٽالپر، ڪنڌڙيءَ جي ڪلتارن مان صوفي دريا خان فقير جو طالب هو. تنهنڪري سندس ڪجهہ ڪلام انهيءَ درگاهہ تي بہ موجود هيو ۽ سندن مهربانيءَ سان اهو بہ هن نسخي ۾ شامل ڪيو ويو. اهڙي اهم ڪم لاءِ گهڻو وقت درڪار هو. صوفي جلال فقير جو اڃا بہ گهڻو ڪلام آهي جيڪو متي جاٽايل هندستان جي رياستن ۾ رهجي ويو آهي، ان حصي کي هٿ ڪرڻ لاءِ بہ جاکوڙ جاري آهي، جڏهن بہ هٿ لڳو تہ اهو بہ هن ڪتاب جي نئين ايڊيشن ۾ انشاءَ الله ضرور شامل ڪيو ويندو.

بهر حال "حال حبيبان پيش پريان" جي بنياد تي في الحال تہ ايتري ئي مواد تي اڪتفا ڪجي ٿي. پنهنجي دلي محبت، جوش جذبي ۽ لگن سان ڏينهن رات ڪوشش ڪري، هن بزرگ هستيءَ جو ڪلام سهيڙي سموهي ادب جي قدردانن اڳيان پيش ڪجي ٿو. اميد آهي تہ هن سموري محنت جي حاصلات کي پڙهڻ، پرجهڻ وارن ۽ راهہ حق تي هلڻ وارن لاءِ رهبري سان گڏ ادبي کيتر ۾ بہ هڪ سٺي سوکڙي ثابت ٿيندو. ان سان گڏ اسانجن اديبن، محققن ۽ دانشورن وٽ قدردانيءَ جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو.

خادم جلالي

جيجل پبليڪيشن- ٽالپر وڏا.

مقدمو

سنڌ ماتري، ذات الاهيءَ جي محبت ڀري سڳنڌ سان واسيل سرزمين، وقت وقت جي دؤر سان سوين سالڪ سگهڙ، صوفي درويش ۽ ولي اولياءَ پئي پيدا ڪيا آهن. صوفي جلال فقير ٽالپر بہ اهڙن ئي بزرگ صوفي درويشن منجهان هڪ آهي . هن اهل دل روشن ضمير فقير، اڳوڻي رياست خيرپور ميرس (هاڻوڪي ضلعہ خيرپور) جي ڪوٽڏجي تعلقي جي ڳوٺ ٽالپر وڏا ۾ فقير شير خان ٽالپر ولد نهال خان ٽالپر جي گهر جنم ورتو. هن محبت جي منگتي ڪي عشق الاهيءَ جو فقيري وٿ ڪنڌڙيءَ جي ڪلتارن مان صوفي دريا خان فقير کان عطا ٿيو. صوفي جلال فقير ٽالپر ڪافي وقت سندن صحبت، محبت ۽ خدمت ۾ رهي روحاني فيض حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي روحاني رهبر، مرشد هادي جي هدايت ۽ منشا مطابق جوڌپور، جيسلمير رياستن ڏانهن سفر ڪيو. صوفي جلال فقير، جيسلمير جي ڏائيسر نالي ڳوٺ ۾ پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو گذاريو. مٿين ٻنهين رياستن جي راجائن سندس فقيري منصب جي مڃتا ۾ کين پنهنجين رياستن طرفان نذراني طور پروانا ڏنا، جيڪي اڃا بہ سندن پوين وٽ محفوظ آهن . انهن پروانن مان هڪ پروانو ٽامي جي تختيءَ تي اڪيريل هو جيڪو وقت جي لوڏن لمن جي نذر ٿي ويو باقي ڪاغذ تي لکيل پروانا اڃا بہ موجود آهن. جوڌپور جيسلمير جي رياستن ۾ صوفي جلال فقير

جي نالي سان اڄ بہ ڪيترائي آستانا موجود آهن، جن مان جلال فقير جي ترائي، جيسلمير جي ريلوي اسٽيشن جي پر سان، جلال فقير جو ڪيٺ (زرعي آباد ٿيندڙ زمين) ۽ جلال فقير جو باغ قابل ذڪر آهن . ڪافي عرصو گذرڻ بعد سندس عزيز مائٽ ڪيس وري واپس پنهنجي اباڻي ڳوٺ ٽالپر وڏا ۾ وٺي آيا . فقير سائين جن پنهنجي ڳوٺ واپس اچڻ کان پوءِ بہ وقت وقت سان انهن رياستن ڏانهن سفر ڪري پنهنجي روحاني اولاد کي سنڀاليندا رهيا پر جيئن تہ هر آتما کي هي فاني جسم ۽ فاني سنسار ڇڏي امر نگر وڃڻو آهي، صوفي جلال فقير بہ ان سفر جي تياري وٺندي، پنهنجي فرزند ۽ طالب صوفي مير محمّد فقير ٽالپر کي آخري آشرم جوڙائڻ جو حڪم صادر فرمايو . جڏهن جاءِ جڙي راس ٿي تہ پاڻ گهر کان نڪري اچي ان جاءِ جو معائنو ڪيو. پنهنجي لاءِ ٺاهيل مزار تي دعا پڙهڻ ڪانپوءِ پاڻ ان جاءِ جي در تي 14۔ محرم الحرام1329 هجري جو سن سنبت لکرايو. .الله سائين جي قدرت جو ڪرشمو آهي، هي اها ئي تاريخ هئي جنهن تاريخ تي فقير سائين جن پنهنجو خاڪي جامو تبديل ڪري پنهنجي جوڙايل جاءِ ۾ اچي ابدي آرا مي ٿيا . فقير سائين جن هن ظاهري دنيا ۾ هڪ سؤ سال کان ٻارنهن سال وڌيڪ حياتي ماڻي ; جنهن مطابق سندن ڄم جي تاريخ 14 — محرم الحرام 1217 هجري ليکي ويندي.

صوفي جلال فقير جي گهڻين خوبين ۽ خصوصيتن مان بہ خاص خوبيون قابل ذڪر آهن تہ ان پنهنجي ايتري ساري عمر ۾ ڪنهن بہ جاندار (اٺ، گهوڙو، گڏهہ، ڏاند ڍڳو وغيره) تي سواري نہ ڪئي هر وقت پيرين پيادو سفر ڪيو.فقير سائين جي ٻي خوبي اها هئي تہ راجائن

جي زور پرڻ جي باوجود بہ انهن کان ڪنهن بہ قسم جو ڪو تحفو يا شاهي انعام اڪرام نہ قبوليو ۽ نہ وري پنهنجن مريدن طالبن کان ڪي نذرانہ طلب ڪيا. پنهنجي وڏي ساري زندگيءَ ۾ جيسلمير رياست مان پنهنجي گهر لاءِ پٿر جو هڪ جنڊ آندو هو، جنهن لاءِ سندس چوڻ هو تہ هن جنڊ ۾ پيٺل اٽو پچائيندا يا ڪنهن بہ اٽي سان ملائيندا تہ ان اٽي ۾ ڪا بہ کوٽ نہ ايندي. هن جنڊ ۾ ڏارو ڏري جنهن بہ بيمار کي رب ٿاهي ڏيندا تہ ان کي شفا ملندي.

راجستان جي مٿين رياستن ۾ ڪيترا ئي ماڻهو فقير جا معتقد مريد ٿيا. جن جي اولاد مان اڄا بہ ڪيترائي مريد نہ رڳو مٿين رياستن ۾ موجود آهن پر سنڌ واديءَ ۾ اڄ بہ سندس گاديءَ جا هزارين پرستار، پريمي، سنت ساڌو، چيلا ۽ محبتي ماڻهو موجود باوجود. سربسجود آهن . صوفي جلال فقير ٽالپر جي فقيري مسلڪ جي گادي سلسليوار هلندي پئي اچي. صوفي جلال فقير کانپوءِ سندس سدا سالڪ فرزند صوفي مير محمّد فقير گادي نشين ٿيو. ان فقير جي برقعہ پوشي کانپوءِ مير محمّد فقير جي وڏي فرزند، عاشق الستي مست ميثاقي، صوفي علي محمّد فقير ٽالپر ساڳيوئي فقيري مسلڪ سنڀاليو. صوفي علي محمّد فقير ٽالپر جي صوفياڻي شاعري جي مجموعي "رتن امول" جيڪو سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ هندي ڪلام تي مشتمل آهي، ادبي توڙي فقيري حلقن ۾ تمام گهڻي پذيرائي حاصل ڪئي. سندن ڪلام "مٺن صوفي هون سرمستا، ميرا ڪون پڇاڻي رستا " ۽ "سهڻي يار سڄڻ دي سانگي، ڦران مست فقيران وانگي" سُڃاڻ بڻجي ويا. صوفي علي محمّد فقير ٽالپر جي رحلت کان بعد سندس ٻيو نمبر فرزند،

صوفي امير حسين فقير ساڳي گاديءَ تي براجمان ٿيو.

صوفي جلال فقير جي صوفياڻي شاعري سنڌي، سرائڪي ۽ ٺيٺ جيسلميري ٻولين ۾ آهي . صوفي جلال فقير سائين گهڻو عرصو پنهنجي ڳوٺ کان ٻاهر، جيسلمير، جوڌپور ۽ سنڌ جي ٿر ۽ لاڙ جي علائقن ۾ گذاريو. تنهنڪري سندس گهڻي شاعري انهن علائقن جي ٻولي ۾ آهي. ساڳي طرح سندس گهڻي شاعري نہ ملي سگهڻ جو ٻہ اهوئي وڏو ڪارڻ آهي تہ سندس شاعري راجستان جي رياستن ۾ رهجي وئي يا وقت جي ور چڙهي وئي ؛ جنهن جو ڪو ٻہ پتو نہ لڳي سگهيو آهي. اهڙي طرح گم ٿيل شاعريءَ جو ملڻ نا ممڪن نہ سهي تڏهن بہ ڏاڍو مشڪل پيو نظر اچي . بهر حال، اسان جي ڪوشش جاري رهندي . هن وقت تائين، فقير جي جيتري بہ شاعري هٿ آئي آهي ان جي اڀياس سان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ صوفي جلال فقير ٽالپر نہ رڳو مختلف ٻولين جي يا شاعري جي ڄاڻ رکندڙ هو پر فقيري رمزن، وحدانيت ۽ ويدانيت واري وات جي پڻ پوري پروڙ رکندڙ ڪامل درويش هو. سندس ڪلام ۾ ڪيئي اونهان اشارا ۽ وڏيون روحاني رمزون سمايل آهن . جن ڪي انهيءَ منزل تي پهتل ڪو ڪامل درويش ئي سمجهي سگهي ٿو. اهڙين ٻاٽين مان فقير صاحب جي هڪ ٻاٽيءَ جو منڍ پيش ڪجي ٿو :

گونگي گايا مڙهي ارٿايا، ٻوڙي هٽي نج ٻاٽي،
پڙهيا بيد تو پاپي باچي، انتر بيد نرواٽي.

جنهن جي لفظي معنيٰ ٿيندي تہ هڪ گونگي ماڻهوءَ راڳ ڳايو. جنهن جو مطلب يا مقصد وري هڪ مٺل ماڻهوءَ سمجهايو ۽ هڪ ٻوڙي

ماڻهوءَ اها ساري حقيقت ويهي پڌي اکرن ۾ لکيل ويد پراڻ ڪتاب ته هرڪو ئي گنهگار پاپي ماڻهو به پڙهي، واچي سگهي ٿو پر انسان جي اندر ۾ جيڪو ڪتاب رکيل آهي ان ڪتاب جو اڀياس، مطالعو ڪو نرواڻ چڙهيل (ڇوٽڪارو حاصل ڪيل اهل دل درويش) ڪامل درويش ئي ڪري سگهي ٿو. ڪنهن عام شخص جي مجال ناهي جو اهڙو ڪتاب پڙهي پرجهي سگهي!

فقير صاحب ٻي به اهڙي واٽي ۾ چوي ٿو ته :

بيد ڪتيب سون بات نياري، هريجن ڪرو بچار

پوت پرٽيو پتا ڪنوارو، ماتا اڪن ڪنوار.

مطلب هيءَ ڳالهه عام ويدن ڪتابن کان علحدي آهي (ويدن ڪتابن ۾ به ڇٽي طرح کولي سمجهائي نه وئي آهي) اي گر مرشد وارؤ!! اي الله وارؤ درويشؤ!! انهيءَ ڳالهه تي ڪو غور ويچار ڪيو. پٽ ته پرٽيو آهي پر سندس پيءُ اجا ڪنوارو آهي ۽ سندس ماءُ به اجا ڪنهن جي ڪنوار ناهي ٿي.

ساڳي واٽيءَ ۾ اڳتي فقير صاحب چويٿو:

سوا لاک رو گهڻو پهري، لاڏي ڪري شڻگهار

هٿان بنان اڪ تال بجاوي، پڳان بنان اڪ ناچي نار.

هڪ ڪنوار سوا لک جا ڳهه ڳنا پائي هار سينگار ڪيو آهي ۽ هٿن پيرن نه هوندي به تاڙيون پئي وڃائي ۽ پيرن نه هجڻ جي باوجود ناچ پئي نچي. (اي گر مرشد وارؤ انهيءَ ڳالهه تي غور ويچار ڪيو).

اهڙي طرح، سنڌي ٻولي ۾ به صوفي جلال فقير جا اهڙا ئي عجيب بيت ملن ٿا جن کي پڙهڻ سان عقل دنگ رهجي ٿو وڃي. سندس اهڙو

هڪ سنڌي بيت عرض رکجي ٿو :

اکين ڏٺيون ڪين ڪي، ڪنن ڪين سيون،
پير نہ رکن پٽ تي، پيدا ڪيئن ٿيون ؟!
جيئريون آهن جهان ۾، مرن ڪين ميون،
سورنهن ڇٽيون جلال چوي، ڏسيو ڪير هيون ؟!

صوفي جلال فقير پنهنجي دم اسم، ذڪر فڪر جي ڪاهڻ
جي حقيقت بہ هڪ حيرت پرئي روپ ۾ بيان ٿو ڪري :

ساس نہ ماس ايوا ميرا گهوڙا، ڪرون سواري گهڙي گهڙي،
ست ڪا سستر، فوج سبڌ ڪي، اگم محل ۾ جاءِ لڙي

اهڙي گهوڙي تي منهنجي دم دم سواري آهي جنهن کي هڏ، چم ۽ ماس تہ آهيئي ڪونہ .نہ وري ڪو سا هہ ئي اٿس .سچائي، توڪل ۽ تقوي جا هٿيار ڪٽي مرشد پاڪ جي ٻڌايل ذڪر جي لفظن واري فوج وٺي، اگم محل، لا حد واري حد تي مون حملو ڪري ڏنو آهي.

جڏهن تہ محبوب جي اچڻ جو محبوب جي ملاقات جو انتظار اوسيئڙو هر عاشق جو اولين عمل رهيو آهي. صوفي جلال فقير بہ دم دم هر قدم تي پنهنجي حقيقي محبوب جو تمام گهڻي بيچيني ۽ سان انتظار ڪندي چويٿو:

سانوريو ڪڏ آوي ري، سانوريو ڪڏ آوي ري .
پئي اداسي بهت پياسي، بره پيتر نهين ماوي ري .

محبوب سان دل لڳي وڃڻ ڪانپوءِ پنهنجي پيوسيءَ جي دانهن ٿو ڪري:

ايسي لگن منا لاگي ري، ايسي لگن منا لاگي ري.

ستگر ڏيني مين گره ليني، ٻست امولڪ ساڳـي ري.
دنيا سوتي ڪري بگوتي، رين ساري هون جاڳي ري.

ساڳي نموني هڪڙي واٽي جي ٻن مصرائن ۾ چويٿو:

- ڪاگ اڏاوتي سڳن ٻولاوتي، پيا ملن ڪڏ آسي ري.
- سيجان سوتي نندران ۾ روتي، پيا ڪڏ آڻ جڳاسي ري.

جڏهن جلال فقير ڪي پنهنجي حقيقي محبوب کانسواءِ ننڊ نہ ٿي اچي ۽ ڪيس ڪاٿڻ پيئڻ نٿو وڻي تہ ان جو اظهار هن ريت ڪري ٿو:

پيا ڪڏ آسي همارو ري، پيا ڪڏ آسي همارو ري.
ڏان ني پلوي نندرا ني آوي، سوئي لاڳي جڳ ڪارو ري.
ڪو اڪ جاوي پيا لي آوي، پرديس رهيو جاءِ نيارو ري.

صوفي جلال فقير بہ پنهنجن مرشدن ڪنڊڙي جي ڪلتارن، سچل سرمست درازي ۽ ٻين درويشن وانگر الله تعاليٰ جي ذات حقيقي سان سچي ۽ بي لوث محبت جو قائل آهي. زماني ڪي ڏيکاءَ واري، ڪنهن مُلي مروڙي يا برهمڻ واري مطلبي محبت نٿو رکي جيڪا صرف هر هر هٿ منهن ڌوئڻ، ڌوتل ڪپڙا پائڻ، نوان نوان تلڪ لڳائڻ، ڇوت اڇوت جو منطق رکڻ ۽ مڙهي، مندر مسجد ۾ بغير دلي چاهت جي مٿا ٽيڪ ڪرڻ تي ٻڌل آهي. دل تہ دولت جي پوڄاري آهي. دل تہ دنيا جي عيش عشرتن جي عشق ۾ سرگردان آهي پر ظاهري طرح پنهنجو مٿو الله اڳيان پيو ٽيڪي اهڙي محبت کان بيزاري جو اظهار

ڪندي علامہ اقبال بہ انهن کي سمجهايو آهي :

تيرا دل تو هي صنم آشنا، تجهي کيا مليگا نماز مين.

ساڳي ڳالهہ حضرت سچل سرمست درازي ورجائي تو :

جاڏي ڪيارڙي، سجدو تاڏي نہ ٿئي،
جاڏي مهارڙي، سجدو تاڏي صحيح ٿيو.

صوفي جلال فقير بہ اهڙن ڏيکاءَ ڪندڙن جي باري ۾ چيو آهي :

دل نہ ڌوئي پنهنجي، ٿو هر هر ڌوئي پير،
سني شيعا پاڻ ۾ وجهي وينا وير،
دکو پورو نہ ٿئي، سڏائي پيو سير،
نہ چاڻان جلال چوي، رب سهاڳڻ ڪير.

....

پاڻ نہ سمجهي پانهنجو اندر انڌارو
ڌوئي ڪين قلوب جي، ڪارنهن کي ڪارو
انڌو وچي اوجهڙ پيو وٺي نا چارو
آيس ڪين جلال چوي، وحدت جو وارو

صوفي جلال فقير اهڙي ئي قسم جي برهمڻ سان بہ مخاطب ٿيندي ڪانئس پڇي ٿو تہ پاڻ کي پاڪ صاف ڪيئن ٿو چوين ؟! جڏهن تہ تو ۾ مٽين مير پيري پئي آهي. اندر گدلو لڳو پيو آهي .

تنهنجي دل دوئي ڀيائي، لوڀ لالچ جو ڀنڊار ٻٽيل آهي:

اوجل ڪس ٻڌ هوئي برهمڻ، اوجل ڪس ٻڌ هوئي.
مات پتا تيري منڌم نير ڪا، ڪل پروار هگلوئي.
سوا سير ڪو ميل ٿاري منهه، اوپر جل سون ڌوئي.

جڏهن تہ تنهنجا ماءُ پيءُ، سڄو ڪٽنب پروار گندي ناپاڪ پاڻيءَ جي پيدائش آهن .خود تنهنجي اندر ۾ سوا سير جيترو گند موجود آهي. تون رڳو مٿان ويٺو پاڻ کي ڌوئين، ان مان ڪيئن ٿو سمجهين تہ تون پاڪ ٿي ويو آهين؟ صوفي جلال فقير پنهنجي روحاني رمز سان ويهي حقيقت کي پرجهيو.پروڙيو ۽ پنهنجي ڪيل پروڙ کي سالڪن، سامين، سناسين اڳيان رکي اپٽار ٿو ڪري :

جلال جوڳي سي چئجن، جي جهد ڪري جاڳن،
راتيان ڏينهان رب جي تات تنين جي تن،
اندر اٿن اجرو مير نہ رکن من،
سيئي تار ترن، جن کي سيڻه سچ جي.

صوفي جلال فقير جي ڪلام ۾ سسئي پنهون جو داستان بہ سمايل آهي جيڪو تمام مختصر، عام روايتي ٻولي واري انداز ۾، تمام سهڻي جوڙجڪ سان سينگاري پيش ڪيل آهي .جنهن جون چند سٽون نموني خاطر پيش ڪجن ٿيون :

ٻيٺي هئي ٻانڻ جي، نياڻي نماڻي،
نہ ڪاڏائين انهن سان، نہ پيتائين پاڻي،

ساندياڻون صندوق ۾ ڪڍي نذر نماڻي،
ڏيئي ڏاج ڏکن جو تن هٿين اماڻي،
ڪيري وڏائون ڪن ۾ پيئي پٽولي پاڻي.

صوفي جلال فقير جا دل جي عنوان تي بڌل سرائڪي بيت به ڏاڍا دلچسپ، عجيب ۽ مشهور آهن. انهن بيتن ۾ فقير صاحب انهيءَ ڳالهه جو باور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته اها دل ئي آهي جيڪا هر انسان جي سيني عملن جي ذميوار آهي .هي سڀ مختلف ڪم ۽ ڪيفيتون سڀ دل جون ئي آهن جيڪي پاڻ ئي انسان کي اختيار ڪرائي ٿي. عشق ذوق به دل سان ئي ٻڌل آهي. اها دل ئي آهي جيڪا علم عقل، سمجهه فهم ۽ دانائي به ختم ڪري ٿي ڇڏي .عرش ڪرش جو سير به دل ئي ڪرائي ٿي . اهي دل جا ئي احسان آهن جو دل وارن کي دل وارن سان ملائي ٿي، دل جو محبوب دل جي سچائي سان ئي دل کي ملي ٿو.

خلق ملڪ جهان نه آها، دل اڳي دي جائي،
قَالُوۡ بَلىٰ جڏان قول ڪيتا، مئڏي دل فقيري پائي،
مرڻ جيوڻ دا ڏر نهين ڪو دل اتاهين آئي،
ڪُنۡ فَيَڪُوۡنُ تي روح نه آها، دل اڳي دي جائي،
چار ڪتابان دل ٻڻايان، دل بنان گمراهي،
دل درياه وچ ٽبي ماري، دل منجهاوي ساهي،
پير فقير اولياءَ الله دي، دل دي سڀ سپاهي.

وحدت جي وادي ۾ گم ٿي صوفي جلال فقير جيڪي ڪجهه ڏٺو جيڪي ٻڌو ان جي وضاحت هن ريت ٿو ڪري :


الله جي آلاهيءَ جو نڪو آند نہ پانڌ،
نہ ڌرتي آسمان هو، نڪو ڏيو ڏاند،
هئي هيڪڙائي حق جي، تڏهن ڪندي هيس راند،
وسريم ڪيم جلال چوي اهائي وهواند.

....

نڪو مرڻ جيئڻ هو، نڪو هيو ساهہ،
نڪو خير ثواب هو، نڪو غير گناهہ،
نڪو بهشت مڪان هو نڪا هئي پناهہ،
سو سنيران سيِ جلال چوي، ڄاڻي هڪ الله.

الغرض صوفي جلال فقير جي شاعري تمام آسان لفظن ۾ آهي جيڪا هر هڪ ماڻهو سولائي سان سمجهي سگهي ٿو، تنهن ڪان سواءِ لوڪ شاعري ۽ لوڪ موسيقي جي سنگم سان گهڙيل گهاڙيٽن جي صورت ۾ روحاني راز جو خزانو آهي . هي شاعري الله جي ذات سان عشق رکڻ وارن لاءِ هڪ روشن راهہ آهي، جنهن تي گامزن ٿي پريت جا پانڌيئڙا پنهنجي الک پريتم جي ذات کي لکي پنهنجي حياتي سڦل بنائي سگهن ٿا .

خادم جلالي




درگاه صوفي روحل فقير زنگيجو، ڪنڊڙي 1






صوفي دريا خان فقير اول جي روضي ۽ مزار جي تصوير، ڪنڍڙي




صوفي نظر علي فقير زنگيجو، موجوده گادي نشين درگاه
صوفي دريا خان فقير اول، ڪنبڙي

3



صوفي دريا خان فقير زنگيجو سوئر ، ڪنڊڙي



صوفي خادم حسين ٽالپر (خادم جلالي)
المعروف صوفي جلال فقير ثاني



راجستان جي راجائن طرفان صوفي جلال فقير ٽالپر کي مليل سند -1-



راجستان جي راجائن طرفان صوفي جلال فقير ٽالپر کي مليل سند -2-



راجستان جي راجائن طرفان صوفي جلال فقير ٽالپر کي مليل سند -3-

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

- الله جي آلاهِيءَ جو، نڪو آنڊ نه پانڊ،
نه ڪو ڌرتي نه آسمان هو، نڪو ڏيو ڏاند،
هئي هيڪڙائي حق جي، تڏهن ڪندي هيس راند،
وسريم ڪين جلال چوي، اها ئي وهواند.

- نه ڪو دين ڪفر هو، نه ڪا هئي صفات،
نه ڪو طوبيٰ وڻ هو، نڪا وائي وات،
نه ڪو حوض ڪوثر هو نه ڪو آب حيات،
ان ڪان اڳ جلال چئي، مونکي ڏاتر ڏني هئي ذات.

- نڪو ڪن فيڪون هو، نه ڪو لوح قلم،
نڪو عرش ڪرش هو، نڪو زمين زمن،
مونکان پڇي پاتشاهه، پوءِ ڪندو هو ڪم،
اٺجاڻائي جو جلال چوي، ڪوئي سنيري منهنجو ڇم.

- نه ڪا ٻولي ٻن جي، نه ڪو لات لَنئي،
اونهي منجهه اون جي، خبر ڪانه پئي،
فَاذۡكُرُوۡنِيۡ اَذۡكُرۡكُمۡ، ڪوئي ڪونه چئي،
اُتاهين جلال چوي، مون آندي هئي شئي.

- نہ ڪو ذڪر فڪر هو نہ ڪا بانگ صلوات تنوار،
نہ ڪو قرآن ڪتاب هو نہ ڪا ڪلمي ڪار،
نہ ڪا سرت سبحان جي، نہ ڪا پر پچار،
انهيءَ هنڌ تي هنس جلال هو جنهنجو آر نہ پار.

- نہ ڪو جيئڻ مرڻ هو نہ ڪو هو ساهہ،
نڪو خير ثواب هو نڪو ڏوهہ گناهہ،
نڪو بهشت مڪان هو نڪا هئي باهہ،
سو سنيران سڀ جلال چوي، تو ڄاڻي سڀ ڪي الله.

- نہ ڪو پل صراط هئي، نہ ڪو منڪر نڪير،
نڪو خوف ڪو خطرو نہ ڪو هئي تقصير،
نہ ڪو ذوق شوق هو نہ ڪو هئي تدبير،
سمجهي ڪو جلال چوي، هي ناظران نظير.

- خالق روح خلقيا، منهنجي مرضي ساڻ،
اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ، اهوئي اهڃاڻ،
قَالُوْ بَلٰي روحن چيو، بڌائي تو پاڻ،
انهيءَ هنڌ جلال چوي، منهنجا ها مهمان.

- ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي، ڪرڻي پيم ضرور،
نہ ڪو نوح نبي طوفان هو نہ موسيٰ هو ڪهطور،
نور منجهان ئي نور هو حاضر منجهہ حضور،
سمجهي ڪو جلال چوي، هن معنيٰ جو مذڪور.

- نہ ڪو رات نہ ڏينهن هو هئي اونده انڌوڪار،
تڏهن منهنجي مٽي ۾، هو ڪو ڪو ڪارو وار،
لک ورهيہ هار هڪڙو مون لکين هنڊايا هار،
جلال لکڻ ليکو ناهہ ڪو آهي بيحد بيشمار.

- جهان جي جوڙڻ جي، نہ ڪا هئي صلاح،
نہ ڪو ڪعبو قبلو نہ هو اوير نہ اولاهہ،
نہ ڪو پنڌ نہ پيچرو نہ ڪو رند نہ راهہ،
جلال انهيءَ ڳالهہ جو الله آ اوگاهہ.

- لڪي لا مڪانؑ ۾، پاتو مون ليئو
باطوني بيان جو پـرو پوءِ پـيو
نـور نبيؐ ڄام جو پيدا ربّ ڪيو
ڏنو مون جلال چوي، روشن هڪ ڏيئو.

- بيچون بي نمون جو ڪيڏي ڏيو پيرو
ڪٿي جاءِ جبّار جي، ڪٿي دانہ جو ديرو
ڪيڏنهن منهن الله جو ڪيڏنهن پٽيرو ؟!
انهيءَ ڳالهہ جو جلال چوي، اوهين ڪيو نبيرو.

- ڪروڙين ڪم ڪيترا، ڪيم سجايا،
چار مَلَڪَ چوڏنهن پيڙهيون، مون ڪٽي ڪيڏايا،
آدم حوا جو ڄم سنيران، مون هٿين پرٽايا،
رڻا هوا جلال چوي، مون وڃي پرچايا.

- اوهان جي پيءُ جي پيءُ ڪي گهٽو سڃاڻا،
نالا ذات انهن جا، سيئي ٿو ڄاڻا،
آهيو ڪالهوڪيون نينگريون، ڪيو ٿيون ماڻا،
اَلَسْت کان اڳي هئا، منهنجا ئي ٽاٽا،
منهنجي ڪارڻ ڪيترا، وتن ڪوماڻا،
ڪڇن پڇن ڪين ڪي، نر هو نماڻا،
داد نہ ٿيندو ڪنهن جو مونکان پڇاڻا،
ڪي تہ خماريا خوشيءَ ۾، وِير ڪي ويڳاڻا،
سِڪندي سِڪندي جلال چوي، ورهيہ وهاڻا.

- مونکان اڳي مان چوان، ڪا ڄمي نہ ڄائي،
نوري پاتل ڪپڙا، هئي حضوري مائي،
اها هئي اصل ۾، در منهنجي دائي،
جلال اڳي انهيءَ کان، ڪل ڏيو ڪائي.

- اڪين ڏئيون ڪين ڪي، ڪنين پئي سيون،
پير نہ رکن پٽ تي، پيدا ڪيئن ٿيون؟!
جيئريون آهن جهان ۾، مرن ڪين ميون،
سي سورنهن ڄڻيون جلال چوي، ڏسيو ڪير هيون؟!

- سورنهن ڄڻيون مون ڏٺيون، آهن لال رتيون،
هر ڪنهن کان هيڪليون، ورهائي ورتيون،
ڪنين کان رنيون وتن، ڪنين سان پرتيون،
اڇي هوڏيون پاڻ ۾، تہ هنيائون شرطون،
وڏي ڪير جلال چوي، ساهيڙيون سرتيون؟!

- دل نہ ڏوئن پنھنجي، ٽا ھر ھر ڏوئن پير،
سني شيعا پاڻ ۾ وجھي ويٺا وير،
دکو پورو نہ ٿئي، سڏائن پيا سير،
نہ ڇاڻا جلال چوي، آھي رب سھاڳڻ ڪير.

- پاڻ نہ سمجھي پانھنجو اندر ۾ انڌارو
ڏوئي ڪين قلوب کي، ٿيو ڪارنھن ۾ ڪارو
انڌو اوجھڙ ۾ پيو وٺي نہ چارو
آيس ڪين جلال چوي، وحدت جو وارو.

- دھلن بنان جھنگ ۾ ناحق پيو نچي،
طمع خور دوزخ ۾ پاڻھئي پاڻ پچي،
ھٿ نہ آيس اھو جنھن جي نانءَ بچي،
بچايو جلال چوي، صاحب نام سچي.

- تون چست چلي منجھہ چاہ، وڃ خاني خردمندن جي،
صاحب صيقل جا ڏٺي، من ملي ڪندءِ ماہ.
درس ويٺا جي دڪان تي، شاھيون ھٽي شاہ.
چڙھہ نظاري نينھن جي، رڙھي وڃ راہ.
وٺوڙي لھہ وجود ۾ صدقو ڪري ساہ.
سر پيي ڏيج ست ۾ اھا ڦرھي ڏاھيو ڏاہ.
ھئڻ پنھنجي تان ھٿ ڪٽي، لاڳاپا سڀ لاہ.
تن وٽ سنج صباح، جُھدئون وڃ جلال چوي

- نڪي هل ڪئي هٿ اڇي، نڪي ماٿ ملي،
وڏائي ۾ وڏو ٿي، تون ويٺين مير ملي،
ڪڙو هڻ قلوب کي، ڪر تون صاف چلي،
ڳالهہ ڳجهہ پرين ۽ جي، ڪنهن کي ڏي نہ سلي،
مٽيو چورج من جو انهيءَ چال چلي،
جُهد ساڻ جلال چوي، من جو محب ملي،
ملي پوءِ ڪلي، جو هڪ ٿئي حق پاڪ سان.

- پهرئين پور پهريان لنگهيا، پويان لنگهيا پوءِ،
پاٽي بنان تون پنهنجي، دل اڇي ڪر ڌوءِ،
جيئرو جاڳي ڪونہ ڪو مئو جاڳي ڪوءِ،
مڙس تہ پيو آ ننڊ ۾ جاڳي ويٺي جوءِ،
عرشن تي بہ جلال چوي، سونهون آهي سوءِ.

- اٿي جاڳ جلال چوي، تون پنهنجي ننڊ ڦٽاءِ،
ڇڏ تون ساءُ سمهڻ جو نہ پنهنجو وقت وڃاءِ،
من ماري ڪر مِٽي تون، سائين ڪين سڏاءِ،
ڪڍي ڪوڙ قلب مان، تون وحدت کي وڄاءِ،
ڌوئي ميرائي من جي، ڪر سينو صاف صفاءِ،
لِڪي ويهي لوڪ کان، ڪو ڳجهوئي ڳالهاءِ،
ٻاري آڳ اندر ۾ پوءِ پنهنجو پاڻ پچاءِ،
ڪنهن کي ڪين ٻڌاءِ، جا سرير ڪري سپرين.

- اٿي جاڳ جلال چوي، ڪر ڪا ڳالھ سھي،
مانجھاندي جو ماڳ تي، مت وڃئي سج لھي،
وڪر وھايئي ڪوڙ ڪو، ويندئي وقت وھي،
گھڙي ايندئي گھر ۾، واڇيندئي تہ وھي،
اٿئي تورڻ وارا تڪڙا، ٽيندئي ڳالھ ڳري،
ايندين ڪوڙ وري، جو پرچائين پرينءَ کي.

- اٿي جاڳ جلال چوي، سمھڻ ڪين سھاءِ،
تون پختا پير پريت جا، پاڙيچي سين پاءِ،
ذڪر فڪر ذات کي، سيني منجھ سماءِ،
حقيقت سڀ حال جي، ھنئين ساڻ ھنڍاءِ،
تون وحدت وادي جاءِ، وئوڙي لھ وجود ۾.

- اٿي جاڳ جلال چوي، سمھڻ تو نہ سھاءِ،
وري نہ ايندئي ويل ھي، ويھي رات وھاءِ،
پختا پيچ پريت جا، لالڻ سان تون لاءِ،
ذاتي ذڪر ذوق سان، قلب منجھ ڪماءِ،
اوونگ سوونگ ساھ ۾، مرلي موج مچاءِ،
مڃ نصيحت نيڪ ھي، ھنئين ساڻ ھنڍاءِ،
صورت پنھنجي صاحب جي، سيني منجھ سماءِ،
دم دم ۾ دماءِ، تہ عاشق اٿاھون ٿئين.

- اٿي جاڳ جلال چوي، اورج ساڻ الله،
سانگو سٺي ساه جو سر سٺي سرواه،
ذڪر ذاتي ذوق جي ڪر، هر دم ڪاهو ڪاه،
نياڳي هن نفس تي، ڳاهي ٻڌج ڳاه،
ڏيندو پاڻڏ پناه مرشد ٽيندو واهرو.

- اٿي جاڳ جلال چوي، ساراهج سبحان،
جاڳڻ ۾ ئي جس ٿئي، راضي رب رحمان،
ارڙهن لک عالم ۾ لهي، مٿي تنهنجي مان،
صاحب سو سلطان، سهجي ڏس سيني ۾.

- جلال جن جاڳي ڏٺو پنهنجو اندر پاڻ،
اَعظَم شَانِي اهي ٿيا، ڪنهنجي ڪين ڪاڻ،
ڪواٿيا تون ڪوهه ٿو پليو پٽين پاڻ،
تو ۾ ئي تنهنجو وهي، موج پريو مهراڻ،
اِهْدِنَا صِّرَاطَ الْمُستَقِيْم سمجهه اهو اهڃاڻ،
اَلـدُّنيَا جِـيـفَـةُ آ، سياڻا ٿيءُ سڄاڻ،
پرين اٿئي پڌرو ساجن تو ئي ساڻ،
عشق ناهي اندر ۾، يا محبت ناهي ماڻ،
اڇل پنهنجو پاڻ، وحدت واريءَ وير ۾.

جلال جن جاڳي ڏٺو پاڙيچي جو پار
نُـوْرٌ عَليٰ نُوْرٍ جو تن اندر ٿيو انوار
اَلْعِشقُ نَارٌ نينهن ۾، نانگا ٿيا نروار
پاٽئي پاڻ وصال سي، پاٽئي پاٽئون ڏار
تن وحدت جو وهنوار انئي پهر الله سان.

- جلال جن جاڳي ڏٺو سي ڪيئن سک سمهن،
لاٿئون عشق الله سان، ڏئي اوجاڳا اکڙين،
اندر آڙهہ عشق جي، پتنگ جيئن پچن،
سي سامي ڪيئن سمهن، جنين آتش عشق جي.

- جلال جن جاڳي ڏٺو وجهي منهن مونن،
لَا اِلٰـہَ اِلَّا اللہ تيون، راڙون منجهہ رڳن،
لَا تَقْنَطُوْ مِنْ الرَّحْمَتِ اللہ، انهيءَ توهہ تڳن،
قلبئون ڪس ڪڍن، اورون اورن پاڻ ۾.

- جلال جوڳي سي چئجن، جيڪي اندر سڪائين،
ڪاوڙ ڪوڙ ڪپٽ کي، ڪن ڪيو ڪائين،
ٻارِن دونهين درد جي، آڳ نہ اجهائين،
پيا پرتئون پچائين، پرينءَ ڪارڻ پاڻ کي.

- جلال جوڳي سي چئجن، جيڪي ٻولي نہ ٻولين،
متيءَ وانگر من ۾ تا وحدت ولوڙين،
هيرو جو سمونڊ جو ڪنهن فڪل سان ڦولين،
وينا اندر وڙولين، ٻاهر ڳولين ڪين ڪي،

- جلال جوڳي سي چئجن، جي جهد ڪري جاڳن،
راتيان ڏينهان رب جي، تات تنين جي تن،
اندر اڻن اجرو مير نہ رکن من،
سيئي تار ترن، جن کي سيڙهہ سک جي.

- جلال جوڳي سي چئجن، جي پورب پچائين،
اهي پوربيا پورب ڪي، اندر ۾ ڳائين،
پورب وڃي پور ٿيا، اهي پاڻ ڪمائين،
سي لوڪ نہ سڃاڻين، تہ ڪو ڪتل اچي ڪاپڙي

- جلال جوڳي سي چئجن، جي پنهنجي ڪن پڇاڻ،
پلپل تسبيح پرت جي، پيا سورين سرت سڃاڻ،
رکن عشق الله جو بيا ڇڏي مايا ماڻ،
نينهن چاڙهيا نرواڻ، وئي "مون تون" وچان نڪري

- جنين لاٿي لآ سان، قلب سندي ڪس،
والي واحد تن ڏنو راحت سندو رس،
نيهي سي نرواڻ ٿيا، ڏور تنين جو ڏس،
جلال ماڻيو جس، جن سڃاتو پاڻ ڪي.

- جاني هن جهان ۾ ڳالهيون اٿئي چار،
جيئڻ حياتي ڏينهنڙا، تون گڏجي يار گذار،
جي ڏنئي قول قرار، تہ جاني مل جلال چوي

- ٿڌي ڇانوَ محبوب جي، جنهن ۾ پگهر سڪايان،
پٽي پرينءَ جي پيرن جي، مان لڱن کي لايان،
پوءِ پرين مڃايان، جو جاني مل جلال چوي

- پاتي جن جلال چوي، جيءَ اندر جهاتي،
پيالا رس پريم جا، تن پيتا پرياتي،
محبت منجهہ محو ٿيا، ذات اندر ذاتي،
پسي الک ابناسي، رانول رتا رنگ ۾.

- وئوڙي لهہ وجود ۾، تون دلبر جو ديدار،
وجودئون ويسر ڪري، ويٺي سرت سنڀار،
ساري لهہ تون سسئي، آري چام عطار،
ٿي نينهن اندر نروار جاڳي ڏس جلال چوي،

واٽــي

ٻيٺي هئي ٻانيڻ جي، نياڻي نماڻي،
نہ ڪاڏائين انهن سان، نہ پيتائين پاڻي،
سانڍيائون صندوق ۾، سا نڌر نماڻي،
ڏيئي ڏاج ڏکن جو تن هٿين اماڻي،
ڪيري وڌائون ڪنن ۾، پئي پٿولي پاڻي،
قدرت ڏس قادر جي، ٻوڙي نہ پاڻي،
ڪٽ چائي ڪٽ نپني، ڪٽئون لوڙهاڻي،
ڪٽي شهر پنيور ٿيو واهہ عجب آ واٽي،
ڪٽي بيٺو هو تڙ تي، تنهن تار منجهان تاڻي،
ڪڍي صندوق سيگهہ مان، ڪٽي گهر آڻي،
کولي سا خوشيءَ سان، ڪٽيءَ ڪٽياڻي،
ستي پئي هئي ننڊ ۾، نياڻي نماڻي،
پاليائون پريت سان، وينگس ويڳاڻي،
لڪئي بچائي ٻالڪي، سسئي ساماڻي،
هلي هاڪ حسن جي، آيو آرياڻي،
ڏسي حسن هن جو هئي ساجن سڃاڻي،

پرٽي آخر پنهونءَ سان، سگھڙ سا سياڻي،
نڏر چڙي ويا ننڊ ۾، ڪئي پنهونءَ پڇاڻي،
نڪا ڏيءُ ڏوهڻ جي، نہ هئي آرياڻي،
آيس آب اکين مان، پنهل لئي پاڻي،
جلديءَ مان جلال هلي، رند وٺي راڻي،
گھوري گھوٽ پنهونءَ تان، جوڀن جواني،
لڪيو ليڪ لڪن ۾، ٽي ڏونگر ڏورياڻي،
لنگھي روهہ روان ٽي، اڳيئون اڄاڻي،
ٻانهن ڪٽي ٻڪرار ڪان، گھريائين پاڻي،
چڙهي ٻڪ ٻڪرار جي، يلا!! تون ڄاڻي،
هڪل منجھہ جلال چئي، سڄڻ ٽيس ساڻي،
ٻوڙءِ ڦٽي قارون ٽي، اڳيان سيج وڇاڻي،
پوءِ سدائين ماڻي، سسئي سيج پنهونءَ سان.

سرائیکي بیت

دل (1)

خلق مخلوق جهان نہ آها، دل اڳي دي جائي،
قالو بلئ جڏان قول کيتا، مئڏي دل فقيري پائي،
مرڻ جيوڻ دا ڏر نهين کوئي، دل اٿاهين آئي،
پير فقير اولياءَ الہ دي، پچين ودي دل لائي،
کنهن کنهن دل ڳول لڌي هي، کنهن کنهن دل وڃائي،
کنهن کنهن دي دل ننڊ پئي هي، کنهن کنهن دل جڳائي،
کنهن کنهن دي دل رٺي پئي هي، کنهن کنهن دل پرچائي،
کنهن کنهن دي دل مئي پئي هي کنهن کنهن دل جوائي،
هي نماز روزا سيکو دل دا، هي دل دي جهد جفائي،
ذکر فکر هي سيوئي دل دا، دل دي کري کمائي،
دل بن کوئي داد نہ تيسي، هي دل بن عمر اجائي،
دل کون چوڙ تي بيدل ويندا، دل بن جاءِ نہ کائي،
سوا لک انبياءَ دا هي چلدا، هر دم تخت هوائي،
سجدي دا اعمال نہ کيتس، تي ڳيا مَلک توائي،
بهشت کنون کڍ آدم ستيس، داڻي دي رک دغائي،
مکا مدينا دل کون نيڙي، حج قبول سندائي،
پر حال دليان دا دل کون آکون، کون ويندا دل چائي،
دل دي دلبر دلڙي نيتي، کنهن نا دل ولائي،
خير ثواب سيوئي دل دا، دل چتي ڏوهہ گنائي،
محبوب دليان دا دل کون مليا، دل دي نال سچائي،
صوفي صاف جلال دليان دا، رب سهاڳڻ سائي.

دل (2)

ڪُنْ فَيَڪُوْنُ تي روح نہ آھا، دل اڳي دي آھي،
چار ڪتابان دل ٻڌايان، آھي دل بنان گمراھي،
دل درياہ وچ ٽٻي ماري، دل منجھاوي ساھي،
پير فقير اولياءَ آلہ دي، دل دي سڀ سپاھي،
ذوق شوق ٿئي بيحد دل دي، دل دي نال صلاحي،
مجاز حقيقي، ظاھر باطن، عشق ٿيا اوگاھي،
ڪھطور اتي تجلار ٿيا، او بي قدرت طرف الاھي،
آڙاھہ ڪنون برھہ باہ تکي، ھي دل اندر دي چاھي،
علم عقل دل فھم نيتا ھي، دل نيتي سب داناھي،
حال دليان دا دلبر ڄاڻي، پردي پوش پناھي،
سچيان دليان دا، سچا سائين، ھي نگھبان نگاھي،
حوران پريان ھن بيحد سھڻيان، دل جيھي نھين ڪائي،
رات ڏينھان دل دؤر ڪريندي، اصلي دل مداحي،
دل نجومي دل ھي جادو دل ڪون علم عطاھي،
لکين ڪروڙين دل دي ڏتو سي، دل دي نال صلاحي،
دل دا سودا دل ڪريندي، ڳالھہ اھا دل ٿاھي،
جنھن بھاني دل ھي چڙھدي، ڪنھن نھين دل لاھي،
لکين چوڪيان لشڪر ھوون، دل ڪوٽ جھلي نہ ڪاھي،

دل عرش ڪرش دا سري ڪريندي، بيحد بيپرواهي،
بنان ڪنيان دل اڏر هي ويندي، ڪير دليان دا واهي،
چار مَلڪ اٿان ناهين ويندي، دل ويندي جٿ ڪاهي،
آوندي ويندي دل وحي هي، مَلڪين خبر نہ ڪائي،
پري پسارا دل دا ڏاڍا، وڄي نقاره شاهي،
عشق حسن دل هڪ ٿئي ساري، ٻيدر دي همراهي،
دل دي ٿوري ڦور نہ ڦوري، دل هي توڙ نباهي،
دليان دلين ڪون آڻ مليان هڻ، دل ڪري بادشاهي،
پردا ڪول جلال دليان دا، آ منهن ڏکلايا ماهي.

ٽـري ڪـلام

هـري اوم

پڳت نہ پاوي هرک نہ هيت، ڪوڙ ڪپٽ ري ڪوڙي ريت،
سونـو تالـر ڪـالر ڪـيت، پيچ جـلال اوگي ڪيت.

ني ڪو پاوي ني ڪو پجن، ني ڪو هرک نہ هيت،
ڪوڙ ڪپٽ رو سندرو ٻاڏو جوئي بيڙو ريت،
اوبي تالر ڪالر گهٽي، جنهن منهہ بايو ڪيت،
دريا خان سرٽي جلال ڪهي، باوي بيج اوگي ڪيت.

لا نڪي را لاک مارڳ، سيالان ري سڳي،
اوندران ري آس راڪي من منهہ هوئي ٺڳي،
نگرا جوئي ڏوڙي آوت، ساڌ جوئي پڳي،
ڪهي جلال اي نگري، پڳي ناهين لڳي.

آرتــي

روپ ڪلياڻ

آرتي گر ڪي چت لاءِ ڪيجي، تن من سيس گران نون ڏيجي.

هوءِ آڏين اگيا ۾ بهيئي، گر وچنان سون ٻانڌا رهيئي،
پريم پيالا پلپل پي‌ئي.

برهه بادل ڪو اميرس برسي، اچرنج ڪيل اچنبو ڏرسي،
انگ. انگ سارو رم رم پينجي.

چرن آڌار پرم پد پاوي، آواگون ۾ ڪبهون نہ آوي،
ست ست ڪر اي گرڻ سنگ ليجي.

ڪهي جــلال سنو پائي ساڌو رتن امولڪ سمجي لا ڏو
اي من مورک اس ٻڏ ڏيجي.

واٽــي

روپ سارنگ

آءِ مِــلو گـــرڌاري ريءِ

آءِ مِــلو گـــرڌاري ريءِ

گھاءِ ڪالجي ٻھر نہ ٻوجھيءِ

برھہ لاڳو منان ٻاري ري

ڪو اڪ جاوي پيا لـي آويءِ

مانو عرض ھـــماري ريءِ

ديا ڪيجي درشــن ڏيجيءِ

داتـــا پـــراڻ آڌاري ري

جـــلال ٻايو اي جس ڳايـــو

ٻوپ پيو بکيـــاري ريءِ

روپ سارنگ

اوڙو سنتان ري آسي ري،
ڏوارڪا جاسي ڦير نہ آسي،
لگني راکو پياسي ري،
ڪاگ اڏاوتي سڳن ٻولاوتي،
پيا ملن ڪڏ آسي ري،
سيجان سوتي نندران ۾ روتي،
پيا ڪڏ آڻ جڳا سي ري،
جلال پايو اي جس ڳايو،
چرن ڪنول ڪي داسي ري،

روپ سارنگ

ايسي لگن منان لاگي ري،

ستگر ڏيني مئين گره ليني،

ٻست امولڪ ساڳي ري،

دنيا سوتي ڪري ٻگوتي،

رين ساري مئين جاگي ري،

سمرڻ ساريو جنم سڌاريو

الڪ لکيو اڪ پاڳي ري،

دريا خان اولي اي جس ٻولي،

داس جلال ٻڏ ڀاڳي ري،

روپ سارنگ

پيا ڪڏ آوي همارو ري
ڏان ني ياوي نندرا ني آوي
سوئي لاگي جگ ڪارو ري
ڪو اڪ جاوي پيا لي آوي
پرديس رهيو جاءِ نيارو ري
پروس جيوڙو پريا مجهي ڪيو
ڪري ڳيو موهہ ڏتارو ري
جلال بيراڳي لڳني لاڳي،
پل نہ بسري پيارو ري

روپ سارنگ

ڏيس همارو ڦولون چانيو
بـرس پلـو ٽِل آيــو ري
اتر ڏيس ۾ بجليان چَمڪين،
گهن هر گهور گهرايو ري،
نت نت ساوڻ بره برساڙو
امرت مينهن برسايو ري
پانچ نران نڏاڻ لڳايا،
پرم ڪو پرت ڪڍايو ري
ڪالينگ چيپڙ پانڪ ٽايا،
ستگر تاٽ بچــايو ري
ڪيت ڪَڙا لي گهري پڏاريا،
اکنڊ پنــدار پرايــو ري
درياخان ستگر ڪرپا ڪيني،
داس جلال جس گايو ري

روپ سارنگ

سانوريو ڪڏ آوي ري،

سانوريو ڪڏ آوي ري

يئي اداسي، بهت پياسي،

بره پيتر نهين ماوي ري

چت هون چتاري، پل نہ بساري،

گهٽو ميرو من ياوي ري

ڪو اڪ جاوي پيا لي آوي،

پراڻ مگت هو ۶ جاوي ري

لگني لاگي يئي بيراگي،

داس جلال جس گاوي ري

روپ پرياتي

اوجل نگري ڏيس همارو، جڳ ۾ ڪيلون گيان ڏڙهي،

مر جيوا ڪو مرم پڇاڻي، دنيا ٻاپڙي الوجهہ پڙي

اي رس ايوا مڌ سون ميٺا، پل پل پيئون پريم گهڙي،

ڪيف خماري اتري ناهين، اميرس پيئون خمار چڙهي.

هاڏ نہ ماس ايوا ميرا گهوڙا، ڪرون سواري گهڙي گهڙي،

ست ڪا سستر، فوج سبڌ ڪي، اگم محل ۾ جاءِ لڙي

آوي نہ جاوي مري نہ جنمي، اوي گهر سون هي لنئون لڳڙي،

آيي پد ڏام پورڻ هنس پايو ڪهي سمجهائون ڪڙي ڪڙي

دريا خان ستگرو صاحب مليا، موهہ ڏيني ايسي ا مر جڙي،

ڪهت جلال سنو پئي ساڌو جم سون ڏاڙ نہ پرون دمڙي

روپ پرياتي

بيد ڪتيب سون بات نياري، هريجن ڪرو بچار
پوت پرٽيو پتا ڪنوارو ماتا اڪن ڪنوار.
ڪروڙ ڪنيا چن ۾ جنمي، پيٽا چوبيس هزار
ساوي ٻنان سا رهي ٻاپڙي، الڳ رهيو پرتار.
اونڌا توٽا چولهي چاڙهيا، نرڪيو ني ڪرتار
ٻاٽا رانڌي بياڙو ڪينو سان گئي سنسار.
مينو چوڊ گنگا جل پاٽي، ٽالهي گئي پٺيار.
ڪارو ڪوهه برائو پاٽي، نگري سينچي سانجهه سوار.
سوا لاک رو گهٽو ڦري، لاڏي ڪري سينگار
هٿان ٻنان اڪ تال بجاوي، پڳان ٻنان اڪ ناچي نار.
مرگهي مار پاراڏي برڏيوپاراڏڻ اوبي ڪري پڪار
هاڏ ٻنان اڪ گهوڙو ڊوڙي، مانس ٻنان هسوار.
لوڪ نگر رو ڪوڪڻ لاگو، جاءِ ڪهيو درٻار
نر نگري نا چور نہ لوٽي، ساءِ ڪرو سردار.
اوچل ڏامر امر ڦل ڦوليو ڦولون انت نہ پار
ڪلي ڪلي سون رس نا ليوي، ڀونئرو ڪري گونجار.
دريا خان صاحب ستگرو مليا، پرم گرو نر ڏار
ڪهي جلال سنو ڀائي ساڌو مهما اگم اپار.

روپ پرياتي

ڏوڌ ڌهي رو چل ڪر آيو ميٺي من هليوڙو ري،

ساري دنيا اوبي جووي، هاٿ هٿيلا چوڙو ري

ڏاوي گنگا جيوٽي جمنا، مارڳيو پڻ سوڙهو ري،

مَئين نِيي جاٽيو آڌو اوبو، نند جي روجايو ڪانوڙو ري،

ڏاوي چٽو رو مندرو ڏيوان،هار گلي رو مت توڙو ري،

منان ماري گهر را لڙشي، همين هووي منان موڙو ري،

ڏوڌ ڌهي رو ڏاڻ نہ ڏيوان، بهتي نا مت روڙو ري،

پيجان سون تو آڌو ڏوڌو گجريان سون ڏوڙو ري

گر ڪي پياري اگيا ڪاري، امر هووي ٽارو چوڙو ري،

داس جلال هي سهجي مليو هنس هنسلي رو جوڙو ري

ڪافي

اوجل ڪس پڏ هوئي برهمن، اوجــل ڪس پــڏ هوئي.

مات پتا تيري منڌم نير ڪا، ڪل پروار سگلوئي.

سوا سير هي ميل ٽاري منھ، اوپر جل سـون ڌوئـي.

ڪيڙي ماڪي يوجن بگاڙيا، او يي منڌوا هــوئــي.

گهـي ڌوڌ هي رگت گانءِ را، مٺڪي منھ بلوئـي.

تـلـڪ ڌريـا تو اتري جاوي، ٽوٽ جاوي جـنيوئي.

ڪهي جلال سنو برهمنا، ساتونئـي پؤري ڪوئـي.

ڪافي

جيوتي مٹان رو ارٹ ني جاٹي، مٹان مڑهان رو نياءِ ڪري،

ڀول گيا جيڪي ڀؤ ڀولا، هري سمري ڄِٹيري ماءِ مري،

نياءِ انياءِ ڪو نياءِ ني جاٹي، نياءِ بنان نر ڪيسا ري،

ڪوڙا ڪنگڻ ساک بنان سنگ، چلي نہ ڪوٽا پيسا ري،

آٹ ڀي سگرا نوَ ڀي سگرا، سگري نَو سؤ ٻائي ري،

پانچ ڀي سگرا پچيس ڀي سگرا، سگري اوٹان ري مائي ري،

هاٿ بنان اک تال بجاوي، گونگا واٹي گاوي ري،

بن پڳان سو اوبو ناچي، لوڪ تماشي آوي ري،

راجا جاڳي پرجا جاڳي، جاڳي ڪٽنب پروارا ري،

آوتا جاڳي جاوتا جاڳي، جاڳي مانس بنان هسوارا ري،

اوي ڏيس ري هريجن جاٹي، اور ڪيا جاٹي گهلا ري،

ڪال ڪروڙ نا مار هٹائو داس جلال ساچ ڪهيلا ري،

ڪافي

چاڪر ڪا اب چوڪر رهڻا، شاهي مجرا ڪرڻا ري،
مير سمير ڪي اوپر چڙهہ ڪر، صاحب نام سمرڻا ري،
اگن سروپي ڪال ڪهيجي، جل سروپي جرڻا ري،
سڀ گران ڪا ساٿ ٻلا ڪر، سڀ هين پار اترڻا ري،
امر جڙي گس انگ لڳائي، هريجن هوءِ ڪيون ڏرڻا ري،
ٻجر انوپ نِرِ انتر رهڻا، جم ڪون ڏنڊ نہ ڀرڻا ري
اويگت نگري ديس همارا، اوهان جاءِ نسرڻا ري،
اوئي ڏيس ڪي ايسي مهما، ڦير جنم نهين ڌرڻا ري،
دريا خان ستگر صاحب مليا، داس جلال ماهين چرڻا ري،
سهج سميڙا سک را ڦيرا، امر پرس ڪا پرڻا ري،

ڪافي

رين ساري سورج جاڳي، ڏنا جاڳي چندا،
عمر ساري تارا جاڳي، ميري بهت آنندا.
مِٽي ڪنيار ڪِي بَن ۾ لوٽي، هستي چور چڙهندا،
ڏيک اچنبو ڏرتي ڪانپي، اڏر آڪاس ڏرندا.
لکين لاڪپتي لوٽا ري، لکين ڪنگال ترنندا،
گپت پرگھٽ ڪهي پرڪاسون، ڪئيسِي راکون چندا.
سروٽي مئين ساکي نہ مانون،پوُرا گيان سٽندا.
هاٿ بنان اک تال بجاوي، گونگا ڏيونت دڙندا.
چوبيس هزار هي فوج هماري، جلدي جڏ لڙندا،
پنگلو پاڳي، بار هي لاري، ڪوڏ ڪوڏ دوڙندا.
مئين سيما ڪيا سپ رونکا، چندن ايڪ اگندا،
لاک من لوها لال پيا هي، پارس هيم ڪرندا.
مَنجن ڪِيٽي پلتايو پَل ۾، ايسا هئي ست سنگا،
چاڪي چڪوي راج ڪرنت هين،راجا پاءِ پڙندا.
بيد ڪتيب جَتِي نهين مانون، انتِي بيد پڙهندا،
سن هين آوي سن هين جاوي، بِن پَر پَنک اڙندا.
دريا خان ستگرو صاحب مليا، داس جلال ڪهندا،
اپرم پار پرم گرو پايا، اوچل ڏام رهندا.

ڪافي

سنگ ڪسنگ سي سنگ نہ ڪريئي، دنيا سي رهڻا فرق فقير.
مـن سـمـجهـائـو آپ رو ڪهہ ڪهہ گيا يہ اولياءِ پير.
دنيا سنگ پيئو پيـالا، پؤ ساگر ڪي بهتي سير.
اوَر لوڪ تو نرڳ جاويلا، هريچند اتريا پهلي تير.
مانسرووَر منهہ مرجيوا ڪو هنسلا چگي موتي هِير.
ٻگلا سيلر ماهين بلودا، ميلان ڪِي منه ڏِير.
صوفي صاف سڪل سون نيارا، امرت ڏارا پيوت ڪير.
نِرگڻ نام آيي پَد پايا، امرا پور ڪِي پائي جاگير.
لوڪ نام ڪا وستر نوڪيا، رام نام ڪو اوڍيو چير.
ڪهت جلال پورو گر مليو پَرا پري ڪو پايو سير.

ڪافي

ڪاچي پريت سنسار ڪي ساڌو ساچا ڪوئي نياويگا.

گهڙ اڪ تولا گهڙ اڪ ماسا، پل ۾ پلٽئي جاويگا.

چيلا هوءِ گران نون نہ ماني، اپنا جنم گنواويگا.

ڪوئي سنگاتي اس ڪا ناهين، ڪال پڪڙ جب کاويگا.

بي پتيارا ڪيهون نہ سڌري، کهيا ڪان نہ لاويگا.

من اويرا پتر سمان هي، باتا ڪؤن پنجاويگا.

اڻ سٽي اڻ ڏيتي باڪي، ڪوڙ طوفان اڏاويگا.

نندڏيا ڪر ڪر بوجهہ اٺاوي، نارڳي مانهين جاويگا.

گر ڪي سرٽي سيس چڙهاوي،لگني ڪري لگاويگا.

ست سبڏ منهہ الٿ سماوي، ڪاڙ امر ڦل پاويگا.

ساچا هوءِ ساچ ڪماوي، ڪو اڪ ساچ ڪماويگا.

ساچ ڪاچ ڪا ڪيا نبيرا، داس جلال جس گاويگا.

ڪافي

ڪئي ڪئي سمري نام صاحب ڪا، غافل نگرا سوتا ري
ڪئي ڪئي مانگي پر لگائي، ڪئي ڪئي مانگي ڏَن تا ري
مَلِيس نَستي گيو جمنا رو رام ڀجن ٻِن ڀوتا ري
ڪرڙي ٻِنان تو بَس بَس هي مَرتا، ڪاچ مندر جون ڪوتا ري
پرڻي ري بات ڪنواري سون پوڇي، ڪيسا هئي پرڻاتا ري
دريا خان سرڻي جلال ڪهيئي، تين لوڪ ۾ جو تاري

ڪافي

گپت پرگهٽ ڪهي پرڪاسون، ڏيس اگم ڪي آءِ نس جائون،
گيان آ ڪاڙا چوڙي را.

هيڪي بچن ڪا سڪل پسارا، چندوا سورج، نو لک تارا،
ڏيک تماشا پوڙهي را.

سٽيو ني ڏينو اِيئي نموني، ڌرڻ آڪاس اٿايو دوني،
ڏيک تماشا دونڙي را.

هاٿي ٻائيرا لڙتا ڪيتي، تين لوڪ نون ٻاوِي پيتِي،
ڏيک تماشا موڏي را.

ماٿي ٻائيرا ڪري لڙائي،پانچ پچيس ري جڙ گنوائي،
ڏيک تماشا منديوڙي را.

پنگلي ايسا ڪام ڪيا هي، مير سِڪر پر چڙهه گيا هي،
ڏيک تماشا ڪوڙي را.

جرنا جوڳي جوڳ ڪماوي، مئا مڙها امرا پر جاوي،
ڏيک تماشا مئوڙي را.

جاڳ جلال ٻيا ابڏوتا، سبڌ تري اسوار پرتيا،
ڏيک تماشا ساگهوڙي را.

ڪافي

گر گم ڪي گم ايسي ساڌو ڪئي ڪئي هريجن جاڻي ري،

گپتي پرگهٽ سهج سمجهه سون، اڻ لک بات لکاڻي ري،

ايڪ تپيسر تپسيا تاپي، سينگهي آڪاش گهراڻي ري،

ڌرمي تو سب اوري رهه گيا، ڪرمي چڙهيا نرواڻي ري،

پهپ پياڻا پون سون جهيڻا، اکنڊ ڌن لڳاڻي ري،

سن منهه آوي سن منهه جاوي، بن پنڊ پانڪ اڏاڻي ري،

درياخان اولي جلال ڪهيئي، اگم ڏيس ڪِي باڻي ري،

رتن پدارٿ اِيئي پر پاڻي، اوچل ڏام سماڻي ري

ڪافي

گنگي گايا مڙهي ارٿايا، ٻڙري هٽي نج ٻاٽي.

پٽيا بيد تو پاپي باچي، انتر بيد نرواٽي.

سوڪي ۾ اڪ ڏوٻتا ڏيکيا، ڏوٻ مري بن پاٽي.

ست ڪو ٻيڙو پار اتاري، سمجهي ڪو سيناٽي.

گولي پوڏي ڪاٿ هندولي، چنور ڍوڙي پٿ راٽي.

چاڪر چڪوي راج ڪرنت هين، راجا هي اگواٽي.

تين لوڪ ڪا اينڌن هوميا، جل منهہ جوت جڳاٽي.

اسنگ جڳان را تپسي تاپي، مڇلي سن سماٽي.

امر ڏيس ڪي امر هي شاهي، جاءِ هريجن ماٽي.

اوئي ڏيس منهہ جلال مليو هي، امر پرس پرواٽي.

ڪافي

مان بيراڳڻ هوئي آن بالمان، آءِ ملو تان بيگو آءِ ري
تان ٻائري ماري ڏيهڙي ياڳي، پراڻ مگت هوءِ جاوي ري
گهايلِ ڪي گت گهايل جاڻي، گيو وچن سون گهاءِ ري
جس تن لاڳي سوئي تن ٻوجهي، ايسي لگن ڪي لاءِ ري
پيا پيا ڪر هيلا مئين ڪينا، پٽڪ پڙي ڪاني ڪاءِ ري
ڏيهه ملائو ڏرلنڀ سانيڙو پيا بنا وِل لاءِ ري
گوڪل گام گوپيان منهه ڪانجي، ڪنهن ڏوتي راڪيو ٻلاءِ ري
من روسڻي ميري من رو موهن، ڪوئي ڏيوي مناءِ ري
آس ملڻ ري من منهه نهچو ست ڪرڻي ڪماءِ ري
داس جلال سهج سون مليو هرک هرک جس گاءِ ري

ڪافي

نگري تينون لاج ني آوي، سوتي پيٽي نون پونبڪ آوي
نگري تينون لاج نـــي آوي

هرکون هرکون گھرت متائي، کوٹي پيس جھماوي
نگري تينون لاج نـــي آوي

گان گني را جوائين، پينوئي پيس رماوي
نگري تينون لاج نـــي آوي

سيڻ گنائت سڻ پاوي ايئان پاران، تارو مانکيو جاوي
نگري تينون لاج نـــي آوي

کھي جلال سڻو پائي ساڌو هاٿ مسلتي يو جاوي
نگري تينون لاج نـــي آوي

ڪافي

هريا گھوڙا هرڪي هاڪون، مئين هون مست فقيرا ري،
تين لوڪ سون ڪيلون نيارا، سائيڙ لِيجو بِيرا ري
سونو روپو مرت لوڪ ۾، اي پر لوڪ ڪٿيرا ري،
ڪنڪر پٿر دنيا پروتي، سنت پروتي هيرا ري
بيڪ پڳت را پڳوان پھريا، نوان رنگارا چيرا ري،
اٺ سٺ گھٽ ۾ تيرٿ نائي، نام نرملا نيرا ري
تين لوڪ ۾ باجي تندورا، چوٿي لوڪ منجيرا ري،
ڀاو ڀجن ڪا ڀوجن ڪيا، امرت لاڏو سيرا ري
سستر پاتي ايسا رڱٽا، جون جون جتن جيرا ري،
لاڳا ڍڙاڪا ڍيل نہ ڪرٽي، جھڳڙا هي جلدي را ري،
ڪيتي هستي لڙتا ديکيا، لڙتا ڪوڏ وزيرا ري
ڏرجڻ ڏاڪي مار هٽايا، جاءِ ڏيا جب گھيرا ري
پڳان بنان اڪ پيندبو بيهي، چلٽا بن سريرا ري،
سبڌ تري هسوار پريتا، اگم ڏيس ۾ ديرا ري
دريا خان ستگرو صاحب مليا، ڪندڙي مانہ ڳنيپرا ري،
ڪهي جلال سنو ڀئي ساڌو پرم نگر گھر ميرا ري

ڪافي

هـم پيـا ڪـي نـاري ري

دنيـا ديـواني، خـلق اگياني،
سمجھي نھين سنساري ري

جڳت سيائي ڪل ڪي ٻائي،
سوئي سڪل سون نياري ري

جڳت ڏھاڳي، مئين سھاڳي،
پرٽيو هون گھر ٻاري ري

جـلال پـايـو اي جس گايو
پـرٽيـا بينـد بيـاري ري

بيت

سورج اولڳ انڌارا ڪيا،
رين پڙي اجواڙا ڪيا.
بانجه ٻيٽي ني ٻيٽا ڄايا،
ڪوڪي اٺ ڏول وڄايا.
پنگلا چڙهه سڪر ڪو ڳايا،
لوڪ ننگر ڪو جووڻ آيا.
هولي مار هولا پڄايا،
ٻڪري باڍ ڪيتي ڪپايا.
چڙيا پي سمنڊ ڪٺايا،
ڪيڙي مک هستي سمايا.
ڌرتي اوپر آڪاش ڇايا،
ڌرتي وس آڪاش پڄايا،
اڌر ملبي اڪ باغ بنايا.
ڦولون هي ڏو ڦل لڳايا.
اوهو ڦل کهين ورلا کايا.
ستگر دريا خان بيد بتايا،
ٻچڙيا هنسني هنس ڦير ملايا،
مل جلال اگم گڙ گايا.


واٽي

ڪيا ڪهون ڪچ ڪهيو ني جاوي، منان ڪالو ڪهي سنسار
من لاڳي ميري مانهلي مانهين، تن پيتر اڪ تار

(هي واٽي گهربل آهي. هن واٽيءَ جو صرف ايترو حصو هٿ لڳو آهي)

پڳت خوشحال داس جو چيل پروانو
تاريخ 24–آڪٽوبر 1991 ع

زنگيجي جنگ جيت ڪي، روحل ڌاريو روپ،
ڏسئي ويري وس ڪري، هو گيا سنت انوپ.
شاهو غلام علي، خدا بخش،دريا خان فقير،
اپني ڪرني ڪر گئي، هوءِ گيا سنت سڌير.
دريا خان در ڪول ڪي،ڪر ديا قرب ڪمال،
ٺهل ڪري ٽالپر اوپر،هوءِ گيا داس جلال.
جلال جوڳي جڳت ڪا، شش مير محمّد ڏير،
علي محمّد ڪي اگيا سون بڻيوامير حسين فقير.
جلال جوڳي جڳت ڪو، ايسي ڪاڍي سار،
ڪرّي سنگت شاهنواز ني،ڏينو پو جل پار اتار،
پوجل هوءِ گيا پار، سنگ عنايت علي سائين،
قادر بخش پہ ڪرپا ڪي، پڪڙي ٻا نڪي ٻانهين،
سنت ٻڙي پر مارٽي، سب ڪا ساڏين ڪاج،
داس جلال ڪي وينتي، راکو هماري لاج.



سائين خادم حسين (خادم جلالي) جو جنم جنهن گهر ۾ ٿيو اُن جا بزرگ ويدانيت ۽ تصوف جي گيڙو رنگ ۾ رڱيل صوفي سنت هئا، جن جي هاڪ هند توڙي سنڌ ۾ اڄ تائين آهي. سندن اُهي وڏڙا اوچي پر جا صوفي شاعر پڻ هئا. جيئن سندن والد صوفي علي محمّد فقير توڙي سندن ڏاڏو صوفي جلال فقير، جن جي شاعريءَ جو هي ڪتاب 'اگم پرڪاش' پاڻ خادم جلالي سائين جن سهيڙي، سنواري، ڇپائي اسان توهان پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچايو آهي. جيڪو ڪلام، شاعريءَ اڳ ۾ رڳو ست سنگ ۾ ڳائي وڄائي ۽ ٻڌائي ويندي هئي سا هاڻي پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچائي اٿن. سندن وڏڙن جو تعلق، جيئن ته ڪنڊڙي جي ڪلتار صوفي روحل فقير جي خاندان جي فقيرن [illegible] هي اهو سلسلو اڄ به انهن سان جُڙيل اٿن.

سائين خادم جلالي پڻ پنهنجن وڏڙن جي ماحول ۽ اثر جي ڪري نه رڳو سٺا شاعر آهن پر پاڻ سٺا نثر نويس ۽ آرٽسٽ به آهن. سندن شاعريءَ توڙي نثر جا ڪتاب قلمي صورت ۾ موجود آهن. پنهنجو هڪ پبلشنگ ادارو جيجل پبليڪيشن ٽالپر وڏا جي نالي سان پڻ قائم ڪيل اٿن جنهن طرفان ڪيترائي ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا اٿن. جنهن ۾ هي ڪتاب 'اگم پرڪاش' به شامل آهي. ان ڪانسواءِ سندن والد بزرگ جي شاعريءَ جو ڪتاب 'رتن امول' جا ٻه ڇاپا ڇپائي چڪا آهن. سندن سئوٽ ناماري شاعر محترم قادر بخش (ڪرم) ٽالپر جي شاعريءَ جو ڪتاب 'وڇوڙين وايون' به جيجل پبليڪيشن پاران ڇپائي پڌرو ڪيل اٿن. ڪتابن جي ڇپائڻ جو اهو سلسلو اڃان به جاري آهي. سائين خادم جلالي لاءِ دعاڳو آهيون ته شال هٿ سڄي، صحت ۽ تندرستيءَ سان وڏي ڄمار ماڻن ۽ سنڌي ادب جي آبياري ڪندا رهن. آمين.

هادي بخش 'فدا' ٽالپر

ڳوٺ ٽالپر وڏا